**سيما ابڙو**
سنڌي شعبو، اُردو يونيورسٽي

# سنڌي ٻولي جي اترادي لهجي جو لساني جائزو

# LINGUISTIC ANALYSIS OF UTRADI DIALECT IN SINDHI LANGUAGE

## Abstract

Sindhi is one of the ancient language of the world. It is a traditional, classical and cultural symbol for old heritage of sub continent. Therefore, studies partaking to phonetics, etymology, morphology and syntax of Sindhi are very important. Dialectology of any language play important role to trace historical signs and symbols of related civilization. Sindhi language has various dialects based upon linguistic geographies as well as racial tribes. Utradi dialect is one of important and rich dialect. This dialect belongs to upper part of Sindh land which was rich in past due to Mohen-jo-Daro and Lakhian-jo-Daro civilizations in modern are upper Sindh is also rich by education, wealth and power polishes with compare to lower and middle parts of Sindh. Therefore lingual analysis of Utradi dialect was important due to mentioned above points of views. This research article would support readers to find out current variations in Sindhi language as well as help to trace past history of this land through lexical approach.

### پسمنظر:

ٻولي يا زبان قومن جي سڃاڻپ هوندي آهي. ٻولي فرد، قوم ۽ سماج جي انفراديت کي اجاگرڪندي آهي. اها هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين راءِ پهچائڻ جو وڏو ذريعو هوندي آهي. جنهن ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو جيترو وڏو هوندو، ان ۾ هر معنيٰ ۽ خيال يا تصور واسطي جيترا وڌيڪ لفظ، اصطلاح ۽ محاورا هوندا، تيترو ئي ان جي اظهار جي سگهه وڌيڪ مضبوط، مستحڪم ۽ ترقي يافته هوندي. ”هر ٻوليءَ پنهنجي پنهنجي گفتگو ۾ مقصدي عمل جو ڪردار ادا ڪندي آهي. ان ڪري هر هڪ ٻولي ۾ ڪا نہ ڪا معنيٰ يا ڪو نہ ڪومفهوم، مقصد يا ڪردار ضرور هوندو آهي، جيڪا ڪنهن زبان جي سماجي عمل يا استعمال جي ضرورت ڏانهن اشارو ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو ڪا بہ زبان ڪنهن نہ ڪنهن انساني برادري يا

سماج ۾ ئي زنده رهي سگهي ٿي.“ (1)

ٻولي پنهنجي لاڳاپيل فرد، ماحول، سماج ۽ ملڪ جي مان مرتبي، عزت ۽ شهرت جو ذريعو هوندي آهي. ”زبان انساني عمل ۽ جدوجهد ۾ هر موڙ تي سندس ساٿ ڏيندڙ آهي. اها سماجي، ثقافتي ۽ شعوري اتحاد ۽ اتفاق حاصل ڪرڻ لاءِ هڪڙو بهترين ۽ سگهارو ذريعو ٿيندي آهي.“ (2)

دنيا جي هر ٻوليءَ لاڳاپيل خطي جي جاگرافيائي، سماجي، معاشي، طبعي حالتن جي اثر کان آجي نہ هوندي آهي. ان ڪري تواريخي حالتن جي پس منظر ۾ ان جي صرفي ۽ نحوي سرمايي ۾ وڏي اٿل پٿل واقع ٿيندي رهندي آهي. ان اٿل پٿل جو محور زماني بہ آهي، يعني جيتري اها ٻولي مختلف دورن جي زمان جون منزلون طئي ڪندي اڳتي وڌندي رهندي آهي، اوترو ئي ان جا لفظ، جملا، اصطلاح، پهاڪا، محاورا، ورجيسون ۽ جهيلار وغيره اٿل پٿل جو شڪار ٿي مختلف روپ اختيار ڪندا رهندا آهن. ساڳئي وقت انهيءَ اٿل پٿل جو محور مڪاني بہ هوندو آهي يا ٻين لفظن ۾ ان ٻوليءَ جي مختلف جاگرافيائي خطن جا جهيلار، اچار، لفظ، جملا مختلف طبعي، معاشي، ماحولياتي حالتن سبب مختلف خطن ۾ مختلف هوندا آهن. ٻوليءَ ۾ تبديلين جي اهڙي تسلسل کي ماهرين لسانيات ”محاورا يا لهجا“ قرار ڏين ٿا. اردو لسانيات جا ماهر ٻوليءَ جي اهڙي قسم جي زماني يا مڪاني پيچ ڊاهہ جي مختلف شڪلين کي ”محاورا“، جڏهن تہ سنڌي لسانيات ۾ اهڙي عمل کي ”لهجو“ چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر الطاف جوکيو موجوده وقت ۾ سنڌي لسانيات تي مختلف مخزنن ۽ رسالن ۾ طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. سندس تفصيلي مقالو لهجي ۽ محاوري جي لفظي، معنوي ۽ فني تقابلي تي سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل ۾ شايع ٿيو آهي. موصوف ڪنهن ٻوليءَ جي لاءِ مٿي بيان ڪيل عمل جي تعبير لاءِ ”محاوري“ بدران ”لهجي“ لفظ کي وڌيڪ مناسب قرار ڏئي ٿو.(3)

ان ڪري سنڌي ٻولي بہ مٿي قرار ڏنل حالتن جو شڪار ٿي. بلڪ سنڌي تہ پنهنجي قدامت سببان بر صغير جي ٻين مڙني ٻولين کان انهيءَ عمل جو وڌ ۾ وڌ شڪار ٿي. ان جي لفظن، اچارن ۽ جهيلارن ۾تمام گهڻيون تبديليون آئيون. ان مان ڪيترائي لهجا ڦٽي نڪتا. جيڪي آهستي آهستي عمر جي پختگيءَ جون منزلون ماڻي جوان ٿيندا ويا ۽ پنهنجي حيثيت ۾ هڪ جداگانہ ٻوليءَ جو روپ ڌاريندا ويا. ويجهڙ ماضيءَ ۾ ان جو مثال ميمڻي ٻولي، ڍاٽڪي ٻولي، سوڍڪي ٻولي، مارواڙي ٻولي، راجستاني ٻولي ۽ ڪڇي وغيره آهن. جيڪي ڪنهن ويجهي تاريخي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لهجا هئا ۽ پوءِ جوان جماڻ ٿي پنهنجي جداگانہ حيثيت اختيار ڪري ٻوليون ٿي ويا آهن. اهڙيءَ طرح قديم ماضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لهجا بہ يقيني طور تي اوترا ئي وسيع هئا، جيتري سنڌ بحيثيت هڪ ملڪ ۽ سلطنت وسيع هئي.

موجوده پنجاب، سرائڪستان، بلوچستان جو ڪافي خطو، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، مارواڙ پڻ ان جا اٽوٽ انگ هئا. ان کان علاوه سنڌو سڀيتا وارو دور ته تمام نرالو ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ شاهڪار ترين دور آهي. ان وقت جي قديم سنڌي جو شان ايڏو ته وسيع ۽ تاريخي ڪمال جو حامل آهي، جو ننڍي کنڊ بشمول افغان خطي جون ٻوليون ان مان چاوَل قرار ڏيڻ جي دعوي ساڻ دليل جي موجود آهي. پر انهن ٻولين جي سنڌي ٻولي مان فيض يافته هئڻ واري خيال تي لڳ ڀڳ هر صاحب راءِ دانشور ۽ تاريخدان ۽ لسانيات جي ماهر جو اتفاق آهي.

سنڌي ٻوليءَ سان هونئن ته بيشمار زيادتيون ٿينديون رهيون آهن. انهن مان ڪي تاريخي نوعيت جون آهن، ته ڪي وري سياسي، معاشي، تعصباتي نوعيت جون به آهن. پر هڪ وڏي زيادتي نقطئه نظر جي به آهي. اها زيادتي اسان جا مقامي توڙي غير مقامي ماهرين علم و ادب جي حصي ۾ اچي ٿي. افسوس جڏهن دنيا ۾ علوم ۽ فنون جي سهيڙ ۽ انهن جي درجيبندي جو دور آيو آهي، تڏهن سنڌ به سسندي سسندي هڪ ننڍڙي خطي ۾ اچي قابو ٿي آهي ۽ بلڪ انهيءَ سوڙهي واديءَ ۾ به پنهنجي وجود جي بقا ۽ سڃاڻ برقرار رکڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي. اسان پاڻ يا ٻاهر جا دانشور جڏهن به ان سنڌ ۽ ان جي ويچاري ٻولي جي قدامت ۽ اهميت تي قلم کڻندا آهيون، ته موجوده سوڙهي وادي واري سسيل سنڌ کي پنهنجي نقطئه نظر جو محور بڻائيندا آهيون ۽ پنهنجن دماغن کي به اوترو ئي سوڙهو ڪري ڇڏيندا آهيون. نتيجي ۾ سمنڊن کان وسيع سنڌ ۽ انجي ٻولي سان انصاف نه ڪري سگهندا آهيون. اهڙي طرح تاريخ جي زخمن جي گهايل اها نماڻي ٻولي اسان جي قلمن جا گهاءُ به سهندي اچي ٿي. افسوس هت آئون به چاهيندي نه چاهيندي ان سسيل سنڌ جي ڳالهه واري تسلسل جو حصو ٿيندي سنڌي ٻولي جي لهجن جو اجمالي خاڪو پيش ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي موضوعي لهجي يعني ”اترادي لهجي“ جي تفصيل ۾ پونديس.

## لهجو ڇا آهي؟

”لهجو“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ان جي لغوي معنيٰ آهي، زبان جي نوڪ، زبان جو انداز تڪلم، طرز سخن، ٻوليءَ جو مقامي جهيلار، ڪنهن مخصوص علائقي جي ڀاشا.(4)

مٿي ڏنل لغوي تشريح کي ذهن ۾ رکندي ائين چئبو ته ڪنهن به ٻولي جي مقامي سطح تي ننڍين ننڍين تفاوتن ۾ وسندڙ ماڻهن، ڪن خاص قبيلن يا ڪن خاص شهرن جي جداگانه ۽ منفرد انداز تڪلم کي ”لهجو“ چئبو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن تي ڪو تفصيلي ڪم نه ٿي سگهيو آهي. البت هن اهم موضوع جي اپٽار جي ڪم سهرو به ٻين ڪيترن ڪمن وانگر ڊاڪٽر نبي بخش

خان بلوچ جي شخصيت ڏانهن وڃي ٿو. ڊاڪٽر صاحب ڀهرين ڀيري سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ پنهنجي ايامڪاريءَ جي دوران هڪ رٿا تيار ڪئي جنهن تحت طئي ڪيو ويو تہ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ پڻ سنڌ سان لاڳاپيل ٻين صوبائي علائقن ۾ سنڌي ٻولي جيئن ڳالهائي وڃي ٿي، تيئن ان جي مطالعي جي شروعات ڪئي وڃي. ان رٿا موجب هيٺين ٻارهن موضوعن مطابق ٻولين جا مطالعا ڪيا ويا.

(1) سبي جي ٻولي (2) ڪڇي _ ناڙي ٻولي

(3) اتر_اپرندي سرحد واري ٻولي (ماڇيلي اوٻاوڙي جي ٻولي)

(4) ٿري_ڍاٽڪي ٻولي (5) ڪاڇي جي ٻولي

(6) اترادي ٻولي (7) لاڙي ٻولي

(8) ڪڇي سنڌي ٻولي (9) لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي

(10) ڪاري جي ٻولي (11) ڪن خاص شهرن جي ٻولي

(12) ڪن خاص قبيلن جي ٻولي (5)

ان کان علاوه ان موضوع تي ڊاڪٽر بلوچ جو ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ جنهن ۾ لس ٻيلي جي سنڌي محاوري جون لساني خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن ۽ محمد سومار شيخ جو ڪتاب ”ڪڇين جا قول“ بہ آهي، جنهن ۾ ڪڇ جي سنڌي محاوري جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ”ڪي ٻوليون اهڙيون آهن جيڪي مختلف علائقن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. ڪي وري اهڙيون آهن جيڪي فقط هڪ ملڪ ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. ڪي وري قبيلن ۽ گروهن جون ٻوليون آهن. جيڪا ٻولي مختلف ملڪن يا هڪ ئي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ان ۾ علائقن جي لحاظ کان ٿورو گهڻو فرق ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري چوندا آهن. ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“. ساڳئي ٻولي جي جدا جدا محاورن جي مقامي شڪل کي ”لهجو“ چئبو آهي. ڪي عالم انهن کي ”محاورا“يا ”اپڀاشائون“ پڻ چوندا آهن. ملڪ جا مختلف ڀاڱا وري ڪن ٻين ملڪن وارن ڀاڱن سان دنگئي هوندا آهن. انهيءَ ڪري انهن ڀاڱن جي لهجن تي پاڙيسري ٻولين جو اثر لازمي هوندو آهي. انهن مان هڪ لهجي کي معياري لهجو قرار ڏنو ويندو آهي. ان ۾ ئي تعليمي ۽ درسي ڪتاب لکيا ويندا آهن، جنهن سان ان جي يڪسانيت ۽ مرڪزيت قائم رهندي آهي.(6)

**اترادي لهجو:**

مٿي بيان ڪيل رٿا ۾ اترادي لهجي کي بہ خاص اهميت حاصل آهي. ان لهجي کي ڪن عالمن ”سري جي ٻولي“ يا سريلو لهجو بہ لکيو آهي. سر جارج گريئرسن جو خيال آهي، تہ اپر سنڌ جي لهجي ۾ تمام ٿوريون خصوصيتون آهن، ان ڪري ان کي خود مختيار لهجو قرارا ڏئي نٿو سگهجي. سنڌي ٻولي جو عالم ڊاڪٽر

هدايت پريم سندس تحقيق کي ناڪافي قرار ڏئي ٿو ۽ ان پاران پيش ڪيل مثالن کي بہ غلط قرار ڏئي ٿو.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي خيال موجب ”سنڌ جي سري ۽ لاڙ جي ٻولين ۾ وڏو فرق آهي. ايتري قدر جو صدها بلڪ هزارها لفظ لاڙ واري پاڱي جا اهڙا آهن، جي سري جا ماڻهو بنھ سمجهي نہ سگهندا آهن. اهڙي طرح سري جي ٻولي ۾ اهڙا لفظ آهن جيڪي لاڙ جا ماڻهو مشڪل سان سمجهي سگهندا آهن. انهن ٻنهي ڪانسواءِ ٿيون علائقو آهي، سنڌ جو وچولو. سنڌ جي وچولي ٻولي وڏيڪ وزنائتي ۽ زياده وسيع آهي.(7)

هيءُ لهجو لغت جي اعتبار کان وڏيڪ شاهوڪار ۽ گرامر جي قاعدن جي اعتبار کان بيمثال پختگي جو حامل آهي، ان ۾ سنڌي ٻولي جو نهايت قيمتي مواد موجود آهي. جنهن جي آڌار تي سنڌي ٻولي جي ارتقائي تاريخ معلوم ڪرڻ جا گهڻا ئي موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا.(8)

## اترادي لهجي جون حدون:

”اترادي محاورو سنڌ جي اترين علائقن خاص ڪري خيرپور، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ ملي ٿو.“(9)

هاڻوڪين روينيو حدبندين مطابق اهو لهجو سکر، شڪارپور، ڪشمور_ ڪنڌڪوٽ، قمبر_شهداد ڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ضلعن تي مشتمل ٿيندو.

## اترادي لهجي تي ٻولين جو اثر:

اترادي محاوري تي سرائڪي، براهوي ۽ بلوچي ٻولين جو اثر ملي ٿو، ڇو تہ اهي ٻوليون ڳالهائڻ وارا ان علائقي ۾ چڱي خاصي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ صدين کان اتي رهائش پذير آهن. (10)

## اترادي لهجي جي علمي ۽ ادبي اهميت :

ادبي تاريخ جي لحاظ کان اترادي لهجو تمام اهم آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جا سرموڙ شاعر؛ قاضي قادن، حضرت سچل سرمست، خوش خيرمحمد فقير، قادربخش بيدل، فقير محمد محسن بيڪس، روحل فقير ۽ ٻين جي ڪلام ۾ اترادي لهجي جون خصوصيتون نمايان نظر اينديون آهن. اترادي لهجي جو قديم ترين نمونو قاضي قادن جو ڪلام آهي. ان جي ٻولي اترادي آهي ۽ اها سرائڪي، ملتاني ۽ پنجابي کان متاثر آهي.

قاضي قادن بکر جو رهندڙ هو. جيڪو ملتان جي تمام ويجهو آهي. ان کان

علاوه موجوده دور جا شاعر شيخ اياز، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، نوازعلي شوق، نياز همايوني، ايازگل، ادل سومرو، مهر خادم، سرڪش سنڌي، مقصود گل، سوز بلوچ، اختر درگاهي ۽ ٻيا سون جي تعداد ۾ شاعر شاعري ڪري رهيا آهن. هن سموري ادبي ذخيري ۾ اترادي لهجي جي اهڙي سڳند ۽ سرهاڻ موجود آهي، جيڪا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي من ۾ هڪ پر مسرت پيدا ڪري ٿي.(11)

## اترادي لهجي جو صوتياتي جائزو:

| نمبر شمار | صوتي تفريق | صوتي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | گهٽائپ ۾ تخفيف | ”نڱ“ جي ”نگ“ ۾ تبديلي | مثال: سنگ، منگّتو | مثال: سنگ، منگتو |
| 2 | بندشي لرزيدار سرن جو ميلاپ | ٽ، ٺ، ڊ، ڍ جي آواز وارن حرفن ۾ ”ر“ جو ميلاپ | مثال: پٽ، سٽ، مائٽ، ڪٽي، ڏاٽو. ڪنڊ. منڊ، ڊوهه، ڍءُ وغيره | مثال: پٽر، سٽر، مائٽر، ڪٽري، ڪنڊر، منڊر، ڊروهه، ڍرءُ وغيره |
| 3 | گهٽڻ سرن ۾ وسرگائيت جي تخفيف | گهٽڻ سرن ۾ ”هه“ جو آواز يا بلڪل نه اچارڻ | مثال: منهنجو، تنهنجو، ڪنهنجو | مثال: مانجو، تون جو، ڪينجو |
| 4 | گهٽي سر جي تحذيف | ڪن حرفن ۾ گهٽو حرف بلڪل به نه اچارڻ | مثال: مون کي | مثال: ماکي |
| 5 | الفي حرف علت جو ڊگهو جهيلار | الف حرف علت کي واوي حرف علت جو سهارو ڏئي آواز ۾ دگهو جهيلار پيدا ڪرڻ | مثال: ڪٿان | مثال: ڪاٿئون |
| 6 | واوي حرف علت جو ڊگهو جهيلار | ڪن لفظن ۾ حرف علت ”و“ سان ٻيو حرف علت ”ي“ يا ”ئ“ ملائي ڊگهو جهيلار پيدا ڪرڻ | مثال: هو | مثال: هئو، هيو |
| 7 | اچارن جي چٽائي | آخري حرف کي چٽي ۽ زوردار حرڪت ڏيڻ | مثال: ڪٿ، لٿ، پٿ، پير وغيره ي (آخري حرف کي هلڪي حرڪت) | مثال: ڪٿ، لٿ. پٿ. پير وغيره (آخري حرف کي ثقيل يا زوردار حرڪت) |

| نمبر شمار | صوتي تفريق | صوتي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 8 | زبر جو ترجيحي استعمال | اسم موصول ۾ زير بدران زبر جي استعمال تي وڌيڪ زور ڏيڻ | مثال: جِن، تِن، ڪِن | مثال: جَن، تَن، ڪَن (پهرئين حرف تي زبر) |
| 9 | الف مده و ترجيحي استعمال | اسم موصول ۾ زبر بدران الف مده جي اسعمال تي وڌيڪ زور ڏيڻ | مثال: جتي، ڪٿي، تتي | مثال: جاتي، تاتي، ڪاٿي |
| 10 | ماضي معطوفي ۾ نون غنه جو اضافو | ماضي معطوفي جي پڇاڙيءَ ۾ "يو" بدران "يون" جو استعمال | مثال: لالڻ ليئڙو "پايون" هليو ويو. | مثال: لالڻ ليئڙو "پايو" هليو ويو. |
| 11 | فعلن ۾ زبر جو ترجيحي استعمال | مصدر مان ماضيءَ ۾ تبديليءَ وقت ڪن فعلن ۾ زبر جي جو استعمال برقرار رکڻ | مثال: وِڃڻ مان وِيو (پهرئين حرف "واو" تي زير) | مثال: وڃڻ مان وَيو (پهرئين حرف "واو" تي زبر) |

جدول-1

## صرفياتي جائزو:

صرف هڪ اهڙو فن يا علم آهي، جنهن ۾ لفظن جي بناوت ۽ ساخت جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، ڪنهن به ٻوليءَ جي مختلف لساني جاگرافيائن ۾لفظ مختلف ساختون ۽ صورتون اختيار ڪندا آهن. گهڻو ڪري لهجا به مختلف علائقن جي ماڻهن پاران لفظن ۽ جملن جي منفرد انداز تڪلم سبب تشڪيل پائيندا آهن. ان ڪري ڪنهن به ٻولي يا لهجي جي مطالعي لاءِ لفظن جي ڦير گهير جو مطالعو تمام اهم هوندو آهي. هيٺ ان سلسلي ۾ اترادي لهجي جي لفظن ۾ ڦيرگهير جو جائزو ان جي معياري لهجي سان ڀيٽ جي ذريعي پيش ڪجي ٿو:

| نمبر شمار | صرفي تفريق | صرفي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | جمع جون پڇاڙيون | واحد مان جمع ٺاهڻ وقت "زبر" واري پڇاڙيءَ واري واحد ۾ "آن" جو استعمال | ٽنگون، موٽرون، نمازون، قميصون، سليٽون، ڪٽون، سرون، قبرون، ڪوڪون، لامون، دانهون وغيره | ٽنگان، نمازان، موٽران، قميصان، سليٽان، ڪٽان، سران، قبران، ڪوڪان، لامان، دانهان وغيره |

| نمبر شمار | صرفي تفريق | صرفي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 2 | دخيل لفظن جو جمعي پڇاڙيون | دخيل لفظن جي واحد مان جمع ٺاهڻ وقت "اون" بدران "يون" پڇاڙي ڳنڍڻ | مثال: بس جو جمع بسون، ڪوچ جو جمع ڪوچون | مثال: بس جو جمع بسيون، ڪوچ جو جمع ڪوچيون |
| 3 | جنس جي تبديلي | معياري لهجي جا ڪيترائي مذڪر لفظ اترادي لهجي ۾ مونث شمار ٿين ٿا ۽ ڪيترائي مونث لفظ مذڪر بہ | مثال: رت، اولاد، پگهار، گجر (مذڪر طور استعمال ٿين ٿا) | مثال: : رت، اولاد، پگهار، گجر (مونث طور استعمال ٿين ٿا) |
| 4 | تصغير جو استعمال | اترادي لهجي ۾ تصغير جو استعمال تمام گهڻو ٿيندو آهي، جڏهن تہ ٻين لهجن نسبت ۾ گهٽ | ضرورت مطابق تصغير جو استعمال ٿيندو رهندو آهي. | پاٽڙا، ادڙا، منڙا، منڙا وغيره؛ سچل سرمست ۽ بيدل جو ڪلام ان جو واضح مثال آهن. |
| 5 | ضمير خالص ۾ تبديلي | هن لهجي ۾ ضمير خالص ۾ "الف_مده" سر جو استعمال وڌيڪ ٿيندو آهي. | مثال: آئون، مون، اسين، تون، توهين/ توهان، اوهين، اهي، هو، هوءَ | مثال: مان، اسان، تون، تهان، اوهان، اوهي، هو، هوءَ وغيره. |
| 6 | ضمير اشاره ۾ تبديلي | هن لهجي ۾ "ي_مده" سر جو استعمال ترجيحي بنيادن تي ٿيندو آهي. | مثال: هيءُ، هيءَ، اهي، هُو، اُهي وغيره. | مثال: ايهو، ايها، ايهي، اُوهو، اُوهي وغيره. |
| 7 | ضمير مشترڪ ۾ تبديلي | هن لهجي ۾ وسرگ "هہ" گهڻو ڪري ختم ڪئي ويندي آهي. | مثال: منهنجو، تنهنجو، پنهنجو، ڪنهنجو، جنهن جو وغيره. | مثال: مونجو، مانجو، پانجو، تون جو، ڪينجو، جينجو وغيره. |
| 8 | ضمير استفهام | ضمير استفهام پهرئين حرف ۾ "ي_لين" جي سر جو اضافو ڪيو ويندو آهي. | مثال: ڪهڙو | مثال: ڪيهڙو/ باقي ضمير استفهام جهڙوڪ ڪير، ڇا، ڪهڙو وغيره معياري لهجي مطابق استعمال ٿيندا آهن. |

| نمبر شمار | صرفي تفريق | صرفي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 9 | ضمير موصول ۽ جواب موصول | ضمير موصول جواب موصول جي پهرئين حرف کي زبر سان اچاريو ويندو آهي. | مثال: جن_تن، ڪن ( پهرئين حرف تي زبر) | مثال: جن، تن، ڪن (پهرئين حرف تي زبر) ، جيڪب آباد واري پاسي ”جنن، تنن، ڪنن“ بہ اچاريو ويندو آهي. |
| 10 | ضميري پڇاڙيون | اترادي لهجي ۾ ضمير واحد غائب متصل لاءِ پڇاڙي ”س“ بدران ”هنس“ ايندي آهي. | مثال: پٽس. چاٽس وغيره. | مثال: پٽهنس. چاٽهنس وغيره. |
| 11 | ضميري پڇاڙي | ”اس“ بدران ”ام“ ايندي آهي. | مثال: آئون لکندس، آئون پڙهندس، آئون ڏسندس وغيره. | مثال: پڙهندم، لکندم، ڏسندم وغيره. |
| 12 | ضميري پڇاڙي | متڪلم جي صيغن ۾ ”سانس“ ۽ ”ساڻ“ بدران ”مانس“ ۽ ”ماڻ“ استعمال ٿيندي آهي. | مثال: موڪليندو سانس، ماريندو سانس، موڪليندو ساڻ، ماريندو ساڻ وغيره، | مثال: موڪليندو مانس. ماريندو مانس، موڪليندو ماڻ، ماريندو ماڻ وغيره. |
| 13 | صفاتي پڇاڙيون | هن لهجي ۾ صفاتي پڇاڙي ”ايل“ بدران ”آن“ جو استعمال ٿيندو آهي. | مثال: تريل پيئنديون ڏاڍيون لذيذ آهن، پڳل پينون مون کان نهرائيندا، گهميل جايو بيهر چو ڏسجن وغيره. | مثال: پيئنديون ترلان ڏاڍيون لذيذ آهن، پڳل پينان مان کان نهرائيندا، گهملان جايو بيهر چو ڏسجن وغيره. |
| 14 | فعلي پڇاڙيون | مذڪوره لهجي ۾ فعلي پڇاڙين ۾ ڪٿي ”الف“ وينجن حذف ٿي ويندو آهي، تہ ڪٿي ان ۾ ”ي مجهول“ جو اضافو، تہ ڪٿي ”آهي“ جا عيوضي فعل استعمال ٿين. | مثال: مون چيو اٿم، توري دير اڳ هتي هو، اسن گهر ۾ هئاسون وغيره. | مثال: مان چيو ٿم، توري دير اڳ هنڙي هيو، اسن گهر هواسون يا هاسون وغيره. لاڙڪاڻي ۾ گهٽي پاڳي ”آهي“ بدران اٿم، اٿس، اٿن وغيره جو وڏيڪ استعمال ٿيندو آهي. |

| نمبر شمار | صرفي تفريق | صرفي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 15 | اسم استقبال | هن لهجي ۾ اسم استقبال جي آخري وينجن تي زير ايندي آهي. | مثال: اچڻو، وڃڻو وغيره (چ ۽ ڄ جي زير سان). | مثال: اچڻو، وڃڻو وغيره (چ ۽ ڄ جي زير سان). |
| 16 | اسم حاليہ ۾ تبديلي | اترادي لهجي ۾ اسم حاليہ ۾ اڪثر ڪري "نون غنہ لين" يا "نون غنہ مده" جا سر حذف ڪيا ويندا آهن. | مثال: هلندو، ماريندو، گهمندو، ڦاسندو، موڪليندو وغيره. | مثال: هلدو، گهمدو. ڦاسدو، موڪلدو وغيره. |
| 17 | حالت اپادان | حالت اپادان جي پڇاڙي "آن" بدران "ائون" ڪري اچاربي آهي. | مثال: گهران، هنڌان، توڪان، مونکان، پريا، اوريان، اتان، هتان، ڪٿان، اڳيان. پويان وغيره. | مثال: گهرئون، هنڌئون، توڪئون، مون ڪئون. اوريئون، پريئون، اتئون. هتئون، ڪٿئون، اڳيئون، پويئون وغيره. |
| 18 | ظرف زمان، ظرف مڪان ۽ ظرف استفهام وغيره | ظرف مطلق ۾ "هہ" سر جي تخفيف، ظرف مڪان جي پڇاڙين ۾ "الف مده" جو استعمال ۽ پڇاڙيءَ ۾ نو غنہ جي تخفيف، ظرف زمان ۾ "نون غنہ وسرگ جي تخفيف، ظرف استفهام ۾ مطلق تبديلي وغيره. | مثال: **ظرف مطلق:** آهستي **ظرف مڪان:** جتي، ڪٿي، تتي، جيڏانهن، تيڏانهن، ڪيڏانهن، اوڏانهن، هوڏانهن، اتاهون، مٿاهون، اڳيان، پويان وغيره. **ظرف زمان:** ڪالهہ، جڏهن، تڏهن، ڪڏهن، جتي، ڪٿي وغيره. **ظرف استفهام:** ڇالاءِ، ڇاڪاڻ تہ وغيره. | مثال: **ظرف مطلق:** آستي ("هہ" جي تخفيف) **ظرف مڪان:** جاتي، ڪاتي، تاتي، جيڏنهئون، تيڏنهئون، ڪيڏنهئون، اوڏنهئون، هوڏنهئون، اتهئون، مٿهئون، اڳيئون، پويئون وغيره. **ظرف زمان:** ڪلهہ، جڏي، تڏي، ڪڏي، جاتي، ڪاتي وغيره. **ظرف استفهام:** ڇو، ڇاڪئون تہ وغيره. |
| 19 | حرف جر | "آن" پڇاڙي بدران "ائون" اچاربي آهي. | مثال: کان، تان، مان وغيره. | مثال: کئون، تئون، مئون وغيره. |

| نمبر شمار | صرفي تفريق | صرفي تفريق جي وضاحت | معياري لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|---|---|---|
| 20 | حرف جملو | "ءِ" جو اچار "ائين" بدران "ائون" ڪندا آهن ۽ "يا" جو اچار "جان" ڪندا آهن. | مثال: ءِ، يا. | مثال: ائون، جان (نون غنہ). |
| 21 | حرف ندا | الف_مده جي تخفيف | مثال: شال، مان | مثال: شل، من. |

جدول-2

**نحوياتي جائزو:**

نحوجيئن تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي جملن جي سٽاءَ ۽ انهن جي ترتيب جي علم جو نالو آهي. ٻوليءَ ۾ جملي جي اها ئي اهميت آهي، جيڪا لفظ جي اهميت آهي. ڪنهن بہ ادبي ۽ علمي عبارت جي پرک جو معيار جيتريقدر لفظ آهن، تيتريقدر ان جا جملا بہ آهن. گرامر جي علم ۾ لفظن جي برابر اهميت آهي، پر جملن جي علم جي اهميت اڃا بہ وڌيڪ آهي. لفظ معنائن جو آئينو هوندا آهن، تہ جملا وري مفهوم جو آئينو هوندا آهن. جهڙي ريت معنيٰ کانسواءِ لفظ غير اهم هوندا آهن. اهڙي ريت جملا بہ مفهوم کانسواءِ غير اهم هوندا آهن. ٻوليءَ ۾ ڪو بہ جملو مڪمل طور تي پنهنجو مفهوم ان صورت ۾ ادا ڪري سگهندو آهي، جڏهن ان جملي جا جزا پنهنجي ترتيب ۽ سٽاءَ ۾ مڪمل طور درست هوندا آهن. گرامر جي علم مطابق ڪنهن بہ جملي توڙي لفظ جي جوڙجڪ لاءِ ڪڏهن بہ ڪي حتمي ۽ آخري قاعدا مقرر نہ ڪيا آهن. ڪٿي ڪٿي انهن ساڳين مقرر ڪيل قاعدن جي انحرافيءَ سان تہ اهو جملو ويتر وڌيڪ با مفهوم ۽ معنيٰ جي اعتبار کان وڌيڪ وزندار پيو لڳندو آهي. منهنجي هن مقالي جو مغز جيئن تہ اترادي لهجي جو لساني جائزو آهي ۽ ان لاءِ معيار طور "وچولي جو لهجو" استعمال ڪرڻ ۽ ان جي تقابلي جائزي مان ڪي نتيجا اخذ ڪرڻ آهي. هيٺ ان سلسلي ۾ شيخ محمد فاضل جي ڪتاب "ماٺيلي_اوٻاوڙي جي ٻولي" مان ڪي اقتباس پيش ڪجن ٿا:

هي جملا شيخ محمد فاضل اوٻاوڙي تعلقي جي شرن جي ٻولي مان سهيڙي

| نمبر شمار | وضاحت | اترادي لهجو | معياري لهجو |
|---|---|---|---|
| ا | بطور فاعل "آئون" بدران "مان"... حرف جر "تي" جو "۾" بدران غلط استعمال... فعل جو فاعل کان اڳ ۾ ذڪر | مان وينو هم بنگلي تي، اتي آيو جادو. | آئون بنگلي ۾ وينو هئس تہ اتي جادو آيو. |

| نمبر شمار | وضاحت | اترادي لهجو | معياري لهجو |
|---|---|---|---|
| 2 | حالت جري جو منفرد استعمال... فعلي پڇاڙيءَ ۾ ضمير متصل جو منفرد استعمال. | گهرون ويم ڏهرڪي. | گهران ڏهرڪي ويس. |
| 3 | ظرف مڪان جو بي ترتيب ۽ منفرد پڇاڙيءَ وارو استعمال | هي روانو ٿي پيو اڳنان. | هيءُ اڳتي روانو ٿي پيو. (12) |

قلمبند ڪيا آهن: **جدول-3**

ان کان لوڪرام ڏوڊيجا جي ڪتاب "سڪارٿو سفر" جا جملا جيڪي ڊاڪٽر هدايت پريم پنهنجي ڪتاب "اترادي ٻولي" ۾ آندا سي هيٺ ڏجن ٿا. (13)

| نمبر شمار | فني وضاحت | اتردي (شڪارپوري) لهجي جا جملا | معياري جملا |
|---|---|---|---|
| 1 | مفعول جو فعل کان اڳ ۾ استعمال | ماءُ ڏني لولي. | ماءُ لولي ڏني. |
| 2 | "آ سو" جو اضافي استعمال ۽ "خ" جو خفيف اچار | جيڪو آ سو کيال آيو. | جيڪو خيال آيو. |
| 3 | لفظن جي مخرجن جو منفرد استعمال | سو ٻن پوي ايهڙو مجو. | سو اهڙو مزو ٻن ۾ پوي |

جدول-4

ساڳئي ريت ڊاڪٽر هدايت پريم ڪجھ بيا جملا بہ خيرپور جي زبان جي نموني طور پنهنجي ڪتاب ۾ آندا آهي، سي پڻ پڙهندڙ ملاحظہ ڪن.

| نمبر شمار | فني وضاحت | اترادي لهجو | معياري لهجو |
|---|---|---|---|
| 1 | حرف جر جو غير هنڌائتو استعمال، مفعول جو ڪمهلو استعمال | رهندو وتن سڱا ڦيٽا ڪرائيندا ان چرئي شاھہ ڪئون. | رهندو ان چرئي شاھہ کان سڱا ڦيٽا ڪرائيندا وتن. |
| 2 | مددگار فعل جو ڪمهلو استعمال | جيڪڏهن ڪو سيد ٿئي چريو........... | جيڪڏهن ڪو سيد چريو ٿئي..... |
| 3 | مفعول جو ڪمهلو استعمال | ڏنئہ نامراد جا ڪم! | نامراد جا ڪم ڏنئہ! |
| 4 | فعل، ظرف ۽ فاعل جو ڪمهلو استعمال | وڃين ٿو ڏينهون ڏينهن ايمان مان نڪرندو. | ڏينهون ڏينهن ايمان مان نڪرندو ٿو وڃي. |

جدول-5

مٿي ڏنل اترادي لهجي جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوياتي ڇنڊڇاڻ مان

مختلف جدولن جي خاني نمبر 2 ۾ ڏنل وضاحتون مقالي جا نتيجا بہ شمار ڪري سگهجن ٿا. مقالي جي ڊيگهہ ڪان بچڻ خاطر ان جو في الحال اتي اختتام ڪجي ٿو.

### حوالا:


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقاءَ، 2006ع، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد.ص _ 1
2. سنڌي، ڊاڪٽر حيدر، ٻولين جا سرچشما، ڇاپو پهريون، 1985ع، اتهاس پبليڪيشن ڪنڊيارو، ص _ 115
3. جوکيو، الطاف، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، مقالو "لهجو ۽ محاورو"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد،ص _ 22
4. ابو سليم، عصمت، المنجد ( اردو ترجمو)، مڪتبہ دانيال، لاهور، ص _ 995
5. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، (مقدمو) شڪارپور جي ٻولي ( ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، 1993ع، ڇاپو پهريون، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ص _ 1_2
6. ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، شڪارپور جي ٻولي، ڇاپو پهريون، 1993ع، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، ص _ 17_18
7. سيوهاڻي، حڪيم فتح محمد، آفتاب ادب، 1956ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص _ 115
8. شيخ، محمد فاضل، ماڻيلي اوٻاوڙي جي ٻولي، 1992ع، ڇاپو پهريون، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ص _ 15
9. بروهي، ڊاڪٽر داد محمد، سبي جي ٻولي، ڇاپو پهريون، 1992ع، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ص _ 1
10. ساڳيو، ص _ 2
11. پريم، ڊاڪٽر هدايت، اترادي ٻولي، ڇاپو پهريون، 1995ع، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، ص _ 26
12. فاضل، محمد شيخ، ماڻيلي_اوٻاوڙي جي ٻولي، 1992ع، ڇاپو پهريون، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، ص _ 83
13. پريم، ڊاڪٽر هدايت، اوٻاوڙي_ماڻيلي جي ٻولي، ڇاپو پهريون. مارچ 1995ع، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادرو، حيدرآباد، ص 74
14. ڏوڏيجا، لوڪرام، سڪارٿو سفر، 1980ع، ص _ 10_11